# نوجوان جي توبه

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: نوجوان جي توبه
ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1442هه، سيپٽمبر 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريدڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

# نوجوان جي توبه

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

نوجوان جي توبه ........................................ 1
دعاءِ عطار ........................................ 1
درودِ پاڪ جي فضيلت ........................................ 1
نوجوان جي توبه ........................................ 1
خواب ۾ بارگاهِ رسالت ۾ تلاوت جي سعادت ........................................ 4
تلاوت ۾ روئڻ ثواب جو ڪم آهي ........................................ 5
مرڻ ڪان ڪجهه مهينا پهريان انفرادي ڪوشش ........................................ 5
مُبلِّغ هر جڳهه تي مبلغ هوندو آهي ........................................ 8
الله جو پيارو بڻائڻ وارا ماڻهو ........................................ 9
مبلغ محبوب ئي نه محبوب گر هوندو آهي ........................................ 10
سيدنا حسن بصري ۽ هڪ سرمائيدار ........................................ 11
نماز ۾ ڪهڙو لباس هجڻ گهرجي ........................................ 13
نماز جي لاءِ عطر لڳائڻ مستحب آهي ........................................ 15
نماز ۾ لباس جي احڪام تي مشتمل 14 مدني گل ........................................ 15
نماز دوران لباس پائڻ ........................................ 15
ڪلهي تي چادر لڙڪائڻ ........................................ 16
مڪروهِ تحريمي جي تعريف ........................................ 17
عملِ ڪثير جي تعريف ........................................ 18
اڌ آستين ۾ نماز پڙهڻ ڪيئن آهي؟ ........................................ 18
مڪروهِ تنزيهي جي تعريف ........................................ 19

مدني قافلي مون کي بدلائي ڇڏيو ........................................ 19
الجامعة الاشرفيه ۽ ان جي باني ۽ جو مختصر تعارف ................ 21
سنت جي محبت .................................................. 23
حافظ ملت جي ڪرامت ............................................ 23
حافظ ملت جون مبارڪ عادتون ...................................... 24
سرمو لڳائڻ جي برڪت سان پوڙهائپ ۾ به نظر تيز ٿئي ............ 25
”اِثمد“ جي چار اکرن جي نسبت سان سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل .. 26

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# نوجوان جي توبہ

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو ”نوجوان جي توبہ“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجو ۽ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانبردار بڻائي ڪري بي حساب مغفرت سان نوازي ڇڏ.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ۽ ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا. (فردوس الاخبار، 277/5، حديث: 8175)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نوجوان جي توبہ

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 132 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”توبہ کی روایات و حکایت“ صفحي 75 کان 77 تي آهي: حضرت سيدنا صالح مُرِّي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ هڪ اجتماع ۾ پنهنجي بيان جي دوران سامهون ويٺل هڪ نوجوان کي فرمايو: ڪا آيت پڙهو، تہ انهن سورة المؤمن جي آيت نمبر 18 تلاوت ڪئي:

وَ اَنۡذِرۡهُمۡ يَوۡمَ الۡاٰزِفَةِ اِذِ الۡقُلُوۡبُ لَدَى الۡحَنَاجِرِ كٰظِمِيۡنَ ؕ مَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ حَمِيۡمٍ وَّلَا شَفِيۡعٍ يُّطَاعُ ؕ ﴿۱۸﴾

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ انهن کي ڏيڄاران ويجهي اچڻ واري آفت جي ڏينهن کان جڏهن دليون نڙيءَ وٽ اچي وينديون ڏک ۾ ڀريل ۽ ظالمن جو نہ تہ ڪو دوست نہ ڪو وري سفارشي هوندو جنهن جو چيو مڃيو وڃي.

هي آيت شريف پڙهي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ڪو ظالم جو دوست ۽ مددگار ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ جوتہ هو الله پاڪ جي گرفت (يعني پڪڙ) ۾ هوندو، بيشڪ توهان سرڪشي ڪرڻ واري گنهگارن کي ڏسندؤ تہ انهن کي زنجيرن ۾ ٻڌي جهنم ڏانهن وٺي وڃي رهيا هوندا ۽ اهي اگهاڙا هوندا، انهن جا جسم هلڪا، چهرا ڪارا ۽ اکيون خوف سبب نيريون هونديون، اهي رڙيون ڪندا: اسان هلاڪ ٿي وياسين! اسان برباد ٿي وياسين! اسان کي زنجيرن ۾ ڇو ٻَڌو ويو آهي؟ اسان کي ڪٿي وٺي وڃي رهيا آهيو؟ ۽ اسان سان هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ فِرشتا انهن کي باهہ جي ڪوڙن سان مارينديون، هَڪليندا، ڪڏهن اهي منهن ڀر ڪرندا ۽ ڪڏهن انهن کي گِهليندي وٺي ويندا، جڏهن روئي روئي انهن جا لُڙڪ ختم ٿي ويندا تہ رت جا ڳوڙها وهڻ لڳندا انهن جون دليون ڏڪي ونديون، ۽ حيران ۽ پريشان هوندا جيڪڏهن ڪو انهن کي ڏسي وٺي تہ انهن تي نظر نہ ڄمائي سگهي، نہ ئي پنهنجي دل سنڀالي سگهي، هي خوفناڪ منظر ڏسي ڏسڻ واري جي بدن تي ڏڪٽي طاري ٿي وڃي. هي

فرمائڻ کان پوءِ حضرت سيدنا صالح مُرِّي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روئڻ لڳا ۽ هڪ درد ڀري آهه ڀري فرمايائون: ”افسوس! ڪهڙو نه دل ڏڪائڻ وارو منظر هوندو“ هي چئي وري روئڻ لڳا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي روئيندو ڏسي حاضرين به روئڻ لڳا، ايتري ۾ هڪ نوجوان اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو: ”ياسيدي! ڇا هي سڄو منظر قيامت جي ڏينهن ٿيندو؟“ پاڻ جواب ڏنائون: ”هائو هي منظر گهٽو طويل نه هوندو ڇو ته جڏهن انهن کي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو ته انهن جا آواز اچڻ بند ٿي ويندا.“ هي ٻڌي نوجوان هڪ رڙ ڪئي ۽ چيائين: ”افسوس! مون پنهنجي زندگي غفلت ۾ گذاري ڇڏي، افسوس! مان ڪوتاهين جو شڪار رهيس، افسوس! مان ربّ پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ سستي ڪندو رهيس، هاءِ! مون پنهنجي زندگي بيڪار ضايع ڪري ڇڏي. هي چئي اهو روئڻ لڳو، ڪجهه دير کان پوءِ ان ربِّ ڪائنات جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ ائين مناجات ڪئي: اي منهنجا پروردگار! مان گنهگار توبه جي لاءِ دربار ۾ حاضر آهيان، مون کي توکان سواءِ ٻيو ڪو آسرو ناهي، گناهن جي معافي ڏئي مون کي قبول فرماءِ، مون سميت سڀني حاضرين تي پنهنجو فضل ۽ ڪرم فرماءِ ۽ اسان کي جود و نوال (يعني عطا ۽ بخشش) سان مالا مال ڪري ڇڏ، يَا اَرحَمَ الرَّاحِمِين! (يعني اي سڀني کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارا) مون گناهن جي ڳنڙي تنهنجي سامهون رکي آهي ۽ سچي دل سان تنهنجي بارگاهه ۾ حاضر آهيان، جيڪڏهن تون مون

ڪي قبول نہ فرمائيندي تہ يقيناً مان هلاڪ ٿي ويندس. ايترو چئي اهو نوجوان بيهوش ٿي ڪري پيو، ۽ ڪجھ ڏينهن بيمار رهڻ ڪان پوءِ موت جو شڪار ٿي ويو، ان جي جنازي نماز ۾ بيشمار ماڻهو شريڪ ٿيا، روئي روئي ان جي لاءِ دعائون ڪيون ويون، حضرت سيدنا صالح مُرِّي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه اڪثر ان جو ذڪر پنهنجي بيان ۾ ڪندا هيا، هڪ ڏينهن ڪنهن ان نوجوان کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ يعني الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ تہ ان جواب ڏنو: مون کي تہ حضرت سيدنا صالح مُرِّي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي اجتماع جون برڪتون مليون ۽ مون کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو. (ڪتاب التَّوَّابِين ص 250، 252)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خواب ۾ بارگاهِ رسالت ۾ تلاوت جي سعادت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! باعمل مبلغن جو بيان ڪيڏو نہ پُر اثر ٿيندو آهي، خوفِ خدا رکندڙ مبلغ جو بيان تاثير جو تير بڻجي گنهگار جي جگر مان آرپار ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان جي دنيا ۽ آخرت سنواري ڇڏيندو آهي، حضرت سيدنا صالح مُرِّي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه زبردست قاري بہ هئا، سندن قراءَت ۾ سُوز ئي سُوز هوندو هو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ

پيري مون خواب ۾ جنابِ رسالتِ مآب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَ اٰلِہٖ وَ سَلَّم جي سامهون قرآن شريف پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي صالح! هي تہ قرءات ٿي روئڻ ڪٿي آهي؟ (احياءُ العلوم ج 1 ص 368)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي .

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## تلاوت ۾ روئڻ ثواب جو ڪم آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن شريف جي تلاوت ڪندي روئڻ مستحب آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي روئو جيڪڏهن روئي نہ سگهو تہ روئڻ جيان شڪل بڻايو. (سنن ابن ماجه ج 2 ص 129 حديث 1337)

عطا کر مجھے ایسی رِقّت خدایا
کروں روتے روتے تِلاوت خدایا

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مرڻ کان ڪجهہ مهينا پهريان انفرادي ڪوشش

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تلاوت ڪندي يا ٻڌندي رِقت طاري ٿيڻ، اکين مان ڳوڙها جاري ٿيڻ يقيناً وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي پر

شيطان جي وار کان خبردار! روئڻ هڪ اهڙو عمل آهي جو هن ۾ ريا (يعني ڏيکاءُ) جو خطرو تمام گهڻو رهندو آهي، تنهنڪري دعا وغيره ۾ خاص ڪري ٻين جي سامهون روئڻ ۾ رياڪاري کان بچڻ ضروري آهي ڇو تہ رياڪار عذابِ نار جو حقدار هوندو آهي. تلاوت ۽ نعت ۾ اخلاص سان روئڻ ۽ روئارڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندا رهو، نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ هن تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”جائزو“ وٺي ڪري نيڪ اعمال جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو: ڪراچي جو هڪ مبلغ جيڪو روزانو پابندي سان چوڪ درس ڏيندو هو، هڪ شخص جيڪو سنتن ڀري تحريڪ ”دعوت اسلامي“ کي پسند نہ ڪندو هو، ان تَعَصُّب جي ڪري ٽاٽي تي مبلغ جي خلاف

ڪوڙي رپورٽ داخل ڪرائي تہ هي علائقي ۾ انتشار ڦهلائي رهيو آهي، پوليس آئي ۽ هن عاشقِ رسول کي ٿاڻي تي وٺي وئي، اَلحَمدُلله! دعوت اسلامي جو مبلغ هر جڳهہ تي مبلغ هوندو آهي، پوءِ اتي هڪ ”مجرم“ سان ملاقات تي انهن ”انفرادي ڪوشش“ ڪري ان کي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪري ورتو، ان چيو: مان قيد مان آزاد ٿيس تہ ضرور حاضري ڏيندس، چا تون مون سان اتي ملندين؟ مبلغ چيو: اِن شاءَالله پوءِ ان پنهنجو حلقو نمبر وغيره ڏئي ٻڌايو تہ مان اجتماع ۾ اتي هوندو آهيان، پوليس ان جو حسنِ اخلاق وغيره ڏسي حقيقت حال ڄاڻي ورتي ۽ معذرت طلب ڪندي ان ”عاشق رسول“ کي باعزت بري ڪيو، ڪجهه مهينن کان پوءِ اهو مجرم جڏهن جيل مان آزاد ٿيو تہ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي جي هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ پهتو، ان بيان ٻڌو، ذڪر ۽ دعا ۾ ان تي رقت طاري ٿي وئي، ان روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبہ ڪئي، دعا کان پوءِ ان مبلغ کي جنهن ٿاڻي ۾ هن کي نيڪي جي دعوت ڏني هئي تلاش ڪندي جڏهن ان جي ٻڌايل حلقي ۾ پهتو تہ هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌايو تہ پوئين اڱاري تي ان مبلغ جو انتقال ٿي ويو آهي، اهو ٻڌي هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو جو زندگي ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن ”نيڪي جي

دعوت“ ڏني انهيءَ ڪري مون توبه ڪئي، هاءِ افسوس! مان پنهنجي محسن سان ٻيهر نه ملي سگهيس، هڪ عاشق رسول انفرادي ڪوشش ڪندي ان جو ذهن بڻايو ته اوهان ان سان ملي نه نٿا سگهو پر ان کي فائدو پهچائي سگهو ٿا ۽ ان جو طريقو هي به آهي ته ان جي ايصالِ ثواب جي لاءِ اچ ئي هٿو هٿ سنتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول جي صحبت ۾ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اَلحَمدلله اهو هٿو هٿ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر تي روانو ٿي ويو، اَلحَمدلله اڄ اهو ”مجرم“ دعوت اسلامي جو مبلغ آهي جڏهن ته ان کان پهريان مَعَاذَالله اهو شراب جو اڏو هلائيندو هيو.

آپ تھانے میں بھی، جیل خانے میں بھی
ہر جگہ پر کہیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مُبلِّغ هر جڳهه تي مبلغ هوندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي مُبَلِّغ هر جڳهه تي مبلغ هوندو آهي، هر وقت هر جڳهه پنهنجو لباس ۽ پنهنجو انداز سنتن ڀريو رکندو آهي، چاهي پاڙي ۾ هجي يا بازار ۾، جنازي ۾ هجي يا شادي جي جڃ ۾، دواخاني ۾ هجي يا اسپتال ۾، باغ ۾ هجي يا ڪنهن جي تدفين جي لاءِ قبرستان ۾، جتي موقعو

مليو يڪدم نيڪي جي دعوت جا مدني گل پيش ڪرڻ شروع ڪندو آهي ۽ پنهنجي لاءِ ثواب جو ذخيرو جمع ڪري وٺندو آهي. ذڪر ڪيل مدني بهار مان خبر پئي تہ مرحوم عاشقِ رسول مبلغ جو جذبو بہ خوب هو جو ظلماً ڪنهن تاڻي ۾ آٽي بيهاريو تڏهن بہ نيڪي جي دعوت جي مدني ڪم ۾ لڳي ويا ۽ هڪ شراب جي اڏي هلائيندڙ جي توبہ ۽ ان جي مبلغِ دعوت اسلامي بڻجڻ جو سبب تي ڪري پاڻ هميشہ جي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون.

الله جي مرحوم عاشقِ رسول مبلغ تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي .

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

تِری سنّتوں پہ چل کر مِری روح جب نکل کر
چلے تو گلے لگانا مَدَنی مدینے والے (وسائلِ بخشش ص۲۸۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## الله جو پيارو بڻائڻ وارا ماڻهو

بي چين دلين جي چين، رحمتِ دارين، تاجدارِ حرمين، سروَرِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ڇا مان توهان کي اهڙن ماڻهن جي خبر نہ ڏيان جيڪي نہ انبياء مان آهن نہ شُهداء مان پر قيامت جي ڏينهن انبياء عَلَیْہِمُ السَّلام ۽ شهداء انهن جو مرتبو ڏسي رشڪ ڪندا، اهي ماڻهو نور جي منبرن تي بلند

هوندا، هي اهي ماڻهو آهن جيڪي الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ جو محبوب (يعني پيارو) ٻانهو بڻائي ڇڏيندا آهن، ۽ اهي زمين تي (ماڻهن کي) نصيحتون ڪندا هلندا آهن.”عرض ڪيو ويو: اهي ڪيئن ماڻهن کي الله تعاليٰ جو محبوب بڻائي ڇڏيندا آهن؟ فرمايائون: اهي ماڻهن کي الله پاڪ جي محبوب (يعني پسنديده) ڳالهين جو حڪم ڏيندا آهن ۽ الله پاڪ جي ناپسنديده ڳالهين کان منع ڪندا آهن، پوءِ ماڻهو انهن جي اطاعت ڪندا تہ الله پاڪ انهن کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي.

(شعب الايمان ج 1 ص 367 حديث 409)

## مبلغ محبوب ٿئي ٿو محبوب ڪر هوندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ وارن جو بہ ڪيڏو نہ مان مٿانهون آهي، قيامت جي ڏينهن انهن تي ربّ الانام جو انعام ۽ اڪرام ڏسي ڪري انبياء ڪرام ۽ شُهداءِ عُظام بہ رشڪ ڪندا، هتي رشڪ (يعني غِبط مان مراد هي آهي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السلام ۽ شهداءِ عظام انهن جي مرتبي کي ڏسي تمام گهڻا خوش ٿيندا ۽ انهن جي تعريف ۽ تحسين ڪندا يا وري هي مطلب آهي تہ جيڪڏهن حضراتِ انبياءِ ڪرام ۽ شهداءِ عظام ڪنهن تي رشڪ ڪن ها تہ انهن تي ڪن ها. هن عظمت ۽ شان جو سبب ڪهڙو هوندو؟ اهو هي جو اهي نيڪي جي دعوت ۽ برائي کان منع ڪري ماڻهن کي

باعمل بڻائي ڪري انهن کي الله پاڪ جو محبوب بڻائيندا هوندا. جڏهن اهي بين کي ”الله پاڪ جو محبوب“ بڻائيندا تہ پاڻ ڇو نہ محبوب هوندا!

الله کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے
اُس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تُم جسے چاہو (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيدنا حسن بصري ۽ هڪ سرمائيدار

”نيڪي جي دعوت“ جو ثواب ڪمائڻ ۾ اسان جا اولياء ڪرام رَحمَةُ اللهِ عليهِم تمام اڳيان اڳيان هوندا هئا ۽ هن معاملي ۾ ڪنهن کان مرعوب نہ ٿيندا هئا، جيئن حضرت سيدنا حسن بصري رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِ پنهنجي شاگردن سان گڏ ڪٿي تشريف وٺي وڃي رهيا هئا تہ هڪ رئيس (يعني سرمائيدار) کي نهايت نهي نڪي پنهنجي غلامن جي ميڙ ۾ گهوڙي تي سوار گذرندي ڏٺو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِ ان کان پڇيو: ڪٿي جو ارادو آهي؟ عرض ڪيائين: بادشاهہ جي دربار ۾ وڃي رهيو آهيان، پاڻ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندي فرمايائون: اي ڀاءُ! توهان خوب عمدو لباس پاتو آهي پوءِ ان کي خوشبوئن سان مهڪايو آهي، ۽ هر طرح سان پنهنجي ”ظاهر“ کي بہ سجايو آهي، يقيناً هي صرف انهيءَ ڪري آهي تہ شاهي دربار ۾ اوهان کي شرمسار نہ ٿيڻو پوي حالانڪ هي بادشاهہ دارِ ناپائيدار (يعني ڪمزور دنيا جو بادشاهہ) ۽

ان جي دربار وارا اوهان جيان غير مختار انسان (يعني بي اختيار) آهن، هاڻي ٿورو غور فرمايو! سڀاڻي قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي شاهي دربار ۾ حاضري ٿيندي، اتي انبياءِ ڪرام عليهم السّلام ۽ اولياء عظام رَحِمَهُمُ الله بہ هوندا، اتي جي لاءِ اوهان "باطن" جي آرائش ۽ زيبائش جو بہ ڪجھ انتظام ڪيو آهي؟ ڇا هتي گناهن جي گندگين ۽ بدڪارين جي بدبوئن سان اوهان حاضري ڏيندؤ؟ اهو مالدار شخص نهايت توجھ سان سندن ارشاد ٻڌي رهيو هو، پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيْه ان کان پڇيا ڪئي: ڇا توهان پنهنجي گهوڙي تي ان جي طاقت کان وڌيڪ وزن رکيو آهي؟ عرض ڪيائين: نہ، فرمايائون: اوهان پنهنجي گهوڙي تي ترس کائو ٿا پر پنهنجي ڪمزور وجود تي رحم نٿا ڪيو ۽ مسلسل ان تي گناهن جو بوجھ رکندا پيا وڃو، سوچيو تہ سهي! اهڙي طرح گناهن ڀري زندگي گذارڻ کان پوءِ انجام ڪهڙو ٿيندو! مالدار شخص سندن جي انفرادي ڪوشش ۽ نيڪي جي دعوت کان بيحد متاثر ٿيو ۽ گهوڙي تان لهي سندن جو مريد ٿيو ۽ الله وارو بڻجي ويو. (سچي حڪايت ج 5 ص 208 بتصرف)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نفس یہ کیا ظلم ہے جب دیکھو تازہ جُرم ہے
ناتُواں کے سر پہ اِتنا بوجھ بھاری واہ واہ! (حدائقِ بخشش شریف)

شرح ڪلام رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن شعر ۾ فرمائن ٿا: اي بدڪار نفس تنهنجي ظلم ۽ ستم جي هاڻي حد ٿي وئي! تون هر گهڙي منهنجي خطائن ۾ لاڳيتو اضافو تو ڪرائيندو وڃي ۽ مون ڪمزور ٻانهي جي مٿي تي گناهن جو وزني بوجھ وجهندو پيو وڃين (خبر پئي نفس اماره يعني گناهه ۽ برائي تي اڀارڻ وارو نفس اسان جو دشمن آهي، اسان کي هر وقت هن جي چالاڪين کان هوشيار رهڻ ضروري آهي)

آہ! ہر لمحہ گنہ کی کثرت و بھرمار ہے
غلبۂ شیطان ہے اور نَفسِ بدآطوار ہے (وسائلِ بخشش ص۱۲۸)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نماز ۾ ڪهڙو لباس هجڻ گهرجي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اولياء الله رَحِمَهُمُ الله سرمائيدارن ۽ مالدارن جي خوشامدين ۽ چاپلوسين بدران انهن کي اصلاح جي مدني گلن سان نوازيندا هئا ۽ انهن کي سڌو سنئون نصيحت فرمائيندا هئا، دولتمندن جي خوشامد اهو ڪري جنهن کي انهن کان فاني دنيا جي ذليل دولت حاصل ڪرڻ جي هوس هجي، الله وارا قناعت جي مدني دولت سان مالامال هوندا هئا، انهن جي نظر دولتمندن جي فاني مال تي نہ هوندي هئي، بلڪ

رحمتِ ربّ ذوالجلال تي هوندي هئي، ياد رهي! مال ۽ ثروت وارن جي دولت جي کري تعظيم جي سخت ممانعت آهي جيئن منقول آهي: جيڪو ڪنهن غني (يعني مالدار) جي ان جي غِنا (يعني مالداري) جي سبب تواضع ڪري ان جو ٻہ ٽهائي دين ويندو رهيو. (ڪشف الخفا ج 2 ص 215 رقم 2442) بيان ڪيل حڪايت ۾ آخرت جو فڪر ڏياريو ويو آهي تہ حڪمرانن وزيرن ۽ آفيسرن جي سامهون ويندا آهيو تہ لباس وغيره درست ڪيو ويندو ۽ خوب تيار ٿي، ۽ زينت اختيار ڪئي ويندي آهي پر الله پاڪ جي مقدس بارگاھ ۾ پيش ٿيڻ جي لاءِ ڪو اهتمام جو ذهن ناهي هوندو، اسان دنيا جي ”ڪنهن وڏي ماڻهوءَ“ وٽ ويندا آهيون يا اهڙي جڳهہ وڃڻ ٿئي جتي گهڻا ماڻهو اسان کي ڏسڻ وارا هجن تہ مٿي جا وار، لباس، عمامو چادر وغيره خوب احتياط سان درست ڪندا آهيون پر ”نماز“ جيڪا پروردگار جي عظمت واري دربار جي حاضري جو موقعو آهي ان وقت زينت جو ڪو اهتمام نہ ڪندا آهيون گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ ٿئي جو ڪنهن ”وڏي ماڻهو“ وٽ يا دعوت طعام ۾ ويندي انسان جيڪو لباس پائي ٿو اهو ئي مسجد جي حاضري ۾ پائي وڃي، مسجد جي حاضري جي لاءِ زينت ڪرڻ جي باري ۾ قرآن ڪريم سيپاري 8 سورة الاعراف آيت نمبر 31 ۾ ارشاد آهي:

خُذُوۡا زِيۡنَتَكُمۡ عِنۡدَ كُلِّ مَسۡجِدٍ

**ترجمو كنزالايمان:** پنهنجي سينگار کي وٺو، جڏهن مسجد ۾ وڃو.

## نماز جي لاءِ عطر لڳائڻ مستحب آهي

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہِ هن آيت شريف جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني لباسِ زينت ۾ هڪ قول هي آهي تہ ڦڻي ڪرڻ، خوشبو لڳائڻ زينت ۾ داخل آهي ۽ سنت هي آهي تہ ماڻهو عمده صورت ۾ بهتر حالت سان نماز جي لاءِ حاضر ٿئي ڇو تہ نماز ۾ ربّ سان مناجات آهي تہ ان جي لاءِ زينت ڪرڻ عطر لڳائڻ مستحب آهي، مسلم شريف جي حديث ۾ آهي تہ جاهليت واري زماني ۾ مرد ۽ عورت رات ۾ اگهاڙا ٿي طواف ڪندا هئا، هن آيت ۾ ستر لڪائڻ ۽ ڪپڙا پائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي هن ۾ دليل آهي تہ سترِ عورت نماز ۽ طواف هر حال ۾ واجب آهي. (خزائن العرفان ص 248)

## نماز ۾ لباس جي احڪام تي مشتمل 14 مدني گل

### نماز دوران لباس پائڻ

﴿1﴾ نماز جي دؤران ڪرتو پائڻ يا شلوار پائڻ يا گوڏ ٻَڌڻ سان نماز ٿي ويندي آهي. (غنيه ص 452 وغيرها) ﴿2﴾ نماز جي دؤران اوگهڙ کُلي وڃڻ ۽ انهي حالت ۾ ڪو رڪن ادا ڪرڻ يا ٽي ڀيرا سُبحٰنَ الله چوڻ جيترو وقفو گذري وڃڻ سان نماز فاسد ٿي (يعني ٽٽي ويندي آهي. (درمختار ج 2 ص 467)

## ڪلهي تي چادر لڙڪائڻ

﴿3﴾ نماز ۾ سَدَل يعني ڪپڙو لڙڪائڻ مڪروهِ تحريمي آهي مثال طور مٿي يا ڪلهن تي اهڙيءَ طرح چادر يا رومال وغيره وجهڻ جو ٻئي ڪنارا لڙڪندا هجن. ها جيڪڏهن هڪ ڪنارو ٻئي ڪلهي تي وجهي ڇڏيو ۽ ٻيو لڙڪي رهيو آهي تہ حرج ناهي. ﴿4﴾ اڄڪلھ ڪجھ ماڻهو هڪ ڪلهي تي ائين رومال رکندا آهن جو ان جو هڪ ڪنارو پيٽ تي لڙڪي رهيو هوندو آهي ۽ ٻيو پُٺيءَ تي اهڙيءَ طرح نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي. (بهارِشريعت ج 1 ص 624) ﴿5﴾ ٻنهي ٻانهن مان جيڪڏهن هڪ ٻانهن بہ اڌ ڪرائيءَ کان مٿي چڙهيل هوندي تہ نماز مڪروهِ تحريمي ٿيندي. (ايضاً، درمختار ج 2 ص 490) ﴿6﴾ ٻيو ڪپڙو هئڻ باوجود صرف پاجامي يا تهبند ۾ نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي. (عالمگيري ج 1 ص 106) ﴿7﴾ (نماز ۾) پهراڻ وغيره جا ٻٽڻ کليل هئڻ جنهن سان سينو کليل رهي مڪروهِ تحريمي آهي. ها جيڪڏهن هيٺان ٻيو ڪو ڪپڙو آهي جنهن سان سينو نہ ٿو ظاهر ٿئي تہ مڪروهِ تنزيهي آهي . (بهارِ شريعت، ج 1 ص 630) ﴿8﴾ جاندار جي تصوير وارا ڪپڙا پائي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهِ تحريمي آهي نماز کان علاوه بہ اهڙا ڪپڙا پائڻ جائز ناهن. (ايضاً ص 627)

## مڪروهِ تحريمي جي تعريف

هي واجب جو مُقابل (يعني اُلٽ) آهي هن ڪي ڪرڻ سان عبادت ناقص ٿي ويندي آهي ۽ ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو آهي جيتوڻيڪ هن جو گناهه حرام کان گهٽ آهي ۽ چند ڀيرا ان جو اِرتڪاب (يعني عمل ڪرڻ) ڪبيره (گناهه) آهي. (بهارِ شريعت، ج 1 ص 283)

مڪروهِ تحريمي ٿيڻ واري نماز واجب الاعاده هوندي آهي يعني اهڙي نماز کي نئين سري سان پڙهڻ واجب هوندو آهي مڪروه تحريمي جون اهڙيون صورتون بہ آهن جن ۾ سجدو سهو ڪرڻ سان نماز درست ٿي ويندي آهي هن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ دعوت اسلامي جي اداري مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نماز جا احڪام“ جو مطالعو ڪريو.

﴿9﴾ ڀيا ڪپڙا هجڻ جي باوجود ڪم ڪار جي ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. (شرح الوقاية ج 1 ص198) ﴿10﴾ اُبتا ڪپڙا پائي يا ويڙهي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. (فتاوىٰ رضويه ج 7 ص 358 کان 360) ﴿11﴾ سُستيءَ جي ڪري مٿي اگهاڙي نماز پڙهڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. (درمختار ج 2 ص 491) نماز ۾ ٽوپي يا عِمامو شريف ڪري پوي تہ ڪڻڻ افضل آهي جڏهن تہ عملِ ڪثير جي ضرورت نہ پوي نہ تہ نماز فاسِد ٿي ويندي ۽ هر هر ڪڻڻو پوي تہ ڇڏي ڏيو ۽ نہ ڪڻڻ سان خُشُوع و خُضُوع مقصود هجي تہ نہ ڪڻڻ افضل آهي . (درمختار معه ردالمحتار، ج 2 ص 491) ﴿12﴾ جيڪڏهن ڪو مٿي

اگھاڙو نماز پڙھي رهيو هجي يا ان جي ٽوپي ڪِري پئي هجي تہ ان ڪي ٻيو شخص ٽوپي نہ پارائي.

## عملِ ڪثير جي تعريف

عملِ ڪثير نماز کي فاسد ڪري (يعني ٽوڙي) ڇڏيندو آهي جڏهن تہ نہ نماز جي عمل مان هجي نہ ئي نماز کي صحيح ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هجي، جنهن ڪم جي ڪرڻ واري کي پري کان ڏسڻ سان ائين لڳي تہ اهو نماز ۾ ناهي بلڪ جيڪڏهن غالب گمان اهو هجي تہ نماز ۾ ناهي تڏهن بہ **عملِ ڪثير** آهي ۽ جيڪڏهن پري کان ڏسڻ واري کي شڪ ۽ شبهو آهي تہ نماز ۾ آهي يا نہ تہ **عملِ قليل** آهي ۽ نماز فاسد نہ ٿيندي . (درمختار ج 2 ص 464)

## اڌ آستين ۾ نماز پڙهڻ ڪيئن آهي؟

﴿13﴾ اڌ ٻانهن وارو ڪُڙتو يا قميص پائي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهِ تنزيهي آهي جڏهن تہ ان وٽ ٻيا ڪپڙا موجود هجن. حضرتِ صَدرُالشَّرِيعه مفتي محمد امجد علي اَعظمي رحمة الله عليه فرمائن ٿا: ”جنهن وٽ ڪپڙا موجود هجن ۽ رُڪو اڌ ٻانهن (وارا ڪپڙا) يا گنجي پائي نماز پڙهي ٿو تہ ڪراهتِ تنزيهي آهي ۽ ڪپڙا موجود ناهن تہ ڪراهت بہ ناهي.“ (فتاويٰ امجديہ، ج 1 ص 193) ﴿14﴾ مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا مفتي وقارالدين قادري رضوي رحمة الله عليه فرمائن ٿا: اڌ ٻانهن وارو ڪڙتو، قميص يا شرٽ

ڪم ڪار ڪرڻ وارن ڪپڙن (جي حڪم) ۾ شامل آهن. (جو ڪم ڪار ڪرڻ وارا ڪپڙا پائي ڪري انسان مُعَزّزن آڏو وڃڻ کان لنوائيندو آهي)، ان لاءِ جيڪي اڌ ٻانهن وارو ڪڙتو پائي ڪري ٻين ماڻهن جي سامهون وڃڻ نہ ٿا چاهن، انهن جي نماز مڪروهِ تنزيهي آهي ۽ جيڪي ماڻهو اهڙا ڪپڙا پائي ڪري سيني جي سامهون وڃڻ ۾ ڪا بُرائي محسوس نہ ٿا ڪن، انهن جي نماز مڪروه ناهي . (وقار الفتاويٰ، ج2، ص246)

## مڪروهِ تنزيهي جي تعريف

جنهن جو ڪرڻ شرع(شريعت) کي پسند ناهي پر نہ انهيءَ حد تائين (ناپسند) جو ان تي عذاب جي وعيد هجي، هي سنت غير مؤڪده جو مقابل آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 284) مڪروه تنزيهي ٿيڻ واري نماز ٻيهر پڙهي وٺڻ بهتر آهي جيڪڏهن نہ پڙهي تہ گنهگار ناهي.

مرے دل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یا الٰہی (وسائلِ بخشش ص٧٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قافلي مون کي بدلائي ڇڏيو

نيڪي جي دعوت جو بي انداز ثواب ڪمائڻ جو پنهنجي اندر حِرص اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان

هر دم وابستہ رهو، ۽ پابندي سان هر مهيني گهٽ مان گهٽ 3 ڏينهن جي عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو، اچو! اوهان جو شوق وڌائڻ جي لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو جيئن علائقي انڌيري (بمبئي هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان اسڪول ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس، ماڊرن ۽ بگڙيل ڇوڪرن سان دوستي ٿي وئي ۽ مان طرح طرح جي برائين ۾ گرفتار ٿي ويس، جنهن ۾ چرس، گانجو، شراب ۽ ڇوڪرين سان عِشق ڪرڻ وغيره شامل آهي، ايستائين جو هڪ ڀيري گهر جي پيٽي توڙي پيسا ڪڍي ”گوا“(نالي شهر) پڄي ويس، آخرڪار واپس موٽڻو پيو، اسڪول کي ڇڏي A.C جي ريپئرنگ جو ڪم سکڻ شروع ڪيو، ڪجھ مهينن کان پوءِ دعوت اسلامي واري هڪ عاشق رسول مون کي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت ڏني، پر مون ٽاري ڇڏيو، ان ويچاري ڪيترائي ڀيرا ملاقات ڪري مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي پر مان اجتماع ۾ وڃڻ جي لاءِ راضي نہ ٿيس، هڪ ڀيري اهو اسلامي ڀاءُ منهنجي وڏي ڀاءَ تي ”انفرادي ڪوشش“ ڪري رهيو هيو تہ مان بہ اتي پهتس، ڀاءُ هن اسلامي ڀاء سان معذرت ڪندي منهنجي طرف منهن ڪري چيو: تون مدني قافلي ۾ هليو وڃ، مان ”نہ“ چوڻ وارو هئس جو واتان بي اختيار ”ها“ نڪري ويو حالانڪ مان تہ هي بہ نہ ڄاڻندو هئس تہ مدني قافلو آهي ڇا؟ بهرحال

مون تياري ڪئي ۽ عاشقان رسول جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر تي روانو ٿي ويس،

اَلحَمدلله! مدني قافلي مون کي بدلائي ڇڏيو! منهنجون اکيون کلي ويون، گناهن سان نفرت ۽ نيڪين سان پيار ٿي ويو، مون گناهنڀري زندگي کان توبه ڪئي، نمازن جي پابندي شروع ڪئي، مدني قافلي گناهن ڀري ماحول ۾ رهڻ واري سخت نافرمان شخص کي نمازن ۽ سنتن جو عادي بڻائي ڇڏيو، هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدلله اهلسنت جي عظيم درسگاهه ”جامعه اشرفيه“ مبارڪپور (يو پي هند) ۾ درس نظامي جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

چھوٹ جائیں گناہ، آپ پائیں پناہ — تھوڑی ہمّت کریں، قافلے میں چلو
تم سُدھر جاؤگے گر اِدھر آؤ گے — سیکھنے سنّتیں، قافلے میں چلو
فضلِ مولیٰ سے جب آئیں گے پائیں گے
جذبہءِ علمِ دیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الجامعة الاشرفيه ۽ ان جي باني ۽ جو مختصر تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مبلغ دعوت اسلامي جي انفرادي ڪوشش جي استقامت جي برڪت سان آخرڪار معاشري جي بگڙيل، گناهن ۾ گرفتار نشائي نوجوان مدني

ماحول سان وابستہ ٿي جامعة الاشرفيہ (مبارڪپور هند) ۾ داخلا ورتي طالبِ علم دين بڻجي ويو، حصول برڪت جي لاءِ ثواب جي نيت سان ماهنامہ اشرفيہ ”حافظ ملت نمبر“ (رَجَبُ المُرَجَّب 1398 بمطابق جون 1978) جي مدد سان جامعة الاشرفيہ ۽ ان جي باني جو مبارڪ تذڪرو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. الجامعة الاشرفيہ (مبارڪپور) اهلسنت جي عظيم الشان ديني درس گاهہ آهي جيڪا ”هند“جي صوبي يو پي جي ضلعي اعظم ڳڙهہ جي مبارڪپور شريف شهر ۾ واقع آهي، هن عظيم الشان ديني درس گاهہ جا باني اُستادُ العُلماء، جَلالَةُ العِلم، حافظِ ملت حضرت علامہ شاهہ عبدالعزيز مُحدِّث مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ آهن، پاڻ 29 شَوال المُڪَرَّم 1352 بمطابق 14 جنوري 1934ع ۾ پنهنجي استاد مڪرم صدرُالشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ جي حڪم تي درسيات مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ مبارڪپور تشريف وٺي آيا، اُن وقت هتي هڪ مدرسو ”مِصباحُ العُلُوم“ جي نالي سان قائم هو، حضرت حافظ ملت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جي بيحد ڪوشش جي ڪري اللّٰہ پاڪ ان ننڍي مدرسي ۾ برڪت عطا فرمائي ۽ آخرڪار هي مدرسو هڪ وڏي ڪامياب مدرسي جي حيثيت اختيار ڪري ويو ۽ جامعہ اشرفيہ جي نالي سان مشهور ٿيو، هن اداري جا فارغ التحصيل ٿيڻ وارا هن جي قديم نالي ”مِصباحُ العُلُوم“ جي نسبت سان مِصباحي سڏائن ٿا .

## سنت جي محبت

حافظ ملت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هر عمل ۾ سنت جو گهڻو خيال رکندا هئا، هڪ ڀيري حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ساڄي پير ۾ زخم ٿي پيو، هڪ شخص دوا وٺي آيو ۽ چيائين: حضرت! دوا حاضر آهي، سياري جا ڏينهن هجن حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي جوراب پاتل هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن پهريان کابي پير جو جوراب لاٿو، اهو شخص چوڻ لڳو: حضرت زخم تہ ساڄي پير ۾ آهي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: پهريان کابي پير مان لاهڻ سنت آهي.

## حافظ ملت جي ڪرامت

الجامعة الاشرفيہ جي باني مَباني حافظ ملت حضرت علامہ شاهہ عبدالعزيز محدِّث مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏا پهتل بزرگ هئا، سوانح نگارن سندن جون گهڻيون ڪرامتون بيان ڪيون آهن، ان ۾ هڪ هي بہ آهي جامع مسجد مبارڪ شاهہ پهريان ننڍي هئي ۽ بوسيده بہ ٿي وئي هئي، آبادي جي اضافي جي ڪري مسجد کي وسيع ڪرڻ بہ ضروري هو، بهرحال پراڻي مسجد شهيد ڪري نيون بنيادون پريون ويون ۽ مسجد جي توسِيع جو ڪم شروع ٿيو، مبارڪ پور جي مسلمانن وڏي دلچسپي ۽ چاهہ سان هن جي تعمير ۾ حصو ورتو، حافظ ملت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ڪم جا رهنما ۽ سربراهہ پڻ هئا، حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جامع مسجد جي تعمير جي لاءِ پوري توجهہ ۽ محنت سان چندي جي ترڪيب ڪئي، مبارڪ پور ۾ گهڻو جوش ۽ جذبو هو، غربت جي

باوجود مسلمانن ديني حَمِيّت جو پورو پورو ثبوت ڏئي رهيا ها، مردن پنهنجي ڪمائي ۽ عورتن پنهنجي زيورن وغيره سان امداد ڪئي، چت پوڻ کان پوءِ حاجي محمد عمر نهايت پريشاني جي عالم ۾ ڊوڙندي حافظ ملت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وٽ آيا ۽ چيائون: حافظ صاحب! جامع مسجد جي چت هيٺ اچي رهي آهي هاڻي ڇا ٿيندو! حاجي صاحب هي چوندي چوندي روئي پيا، حضرت حافظ ملت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اٿيا ۽ وضو ڪيائون، ۽ حاجي صاحب سان گڏ گهر کان ٻاهر نڪتا ۽ پنهنجي پاڙي واري خان محمد صاحب کي گڏ ڪنيو، جامع مسجد پهچي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهندي ڪاٺ جون ڪجھ ٽوٽيون لڳائي ڇڏيون (يعني بانس يا ڪاٺ جا ٿنڀ لڳائي ڇڏيا) اَلحَمدلله! چت نہ صرف بلڪل درست ٿي وئي بلڪ توهان ڏسندؤ تہ خبر بہ نہ پوندي تہ ڪهڙي حصي جي چت جُهڪي رهي هئي!

## حافظ ملت جون مبارڪ عادتون

وضو ڪرڻ جي لاءِ ويهندا هئا تہ قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا، حافظ ملت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو پاجامو ڪڏهن ايترو ڊگهو نہ ڏٺو جو پيڏيون ڍڪجي وڃن، سچ تہ هي آهي جو سندن جي انداز ۽ لباس جو انداز ڏسي ماڻهن کي شرعي انداز سمجھ ۾ اچي ويندو هيو، سفر ۽ حضر ۾ (يعني سفر ۾ هجن يا وطن ۾ هجن هر جڳھ) حضور حافظ ملت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي پياري پياري ادائن مان هڪ

هي بہ هئي تہ کائڻ کان پهريان ۽ بعد ۾ ٻئي هٿ ڪراين تائين ڌوئيندا ۽ گرهہ خوب چٻاڙي کائيندا هئا. ڪاڏو چاهي مزاج مطابق هجي يا نہ، ان مان عيب نہ ڪڍندا هئا. کائڻ کان پوءِ يڪدم پاڻي نہ پيئندا بلڪ ڪجهہ وقفي کان پوءِ پيئندا هئا. ائين پاڻي جڏهن بہ پيئندا هئا، تہ ٽن ساهين ۾ پيئندا.

## سرمولڳائڻ جي برڪت سان پوڙهائپ ۾ بہ نظر تيز هئي

حضور حافظ ملت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر ستر سالن کان مٿي ٿي چڪي هئي، ان وقت جو واقعو آهي، ٽرين ۾ سفر ڪري رهيا ها. جنهن برٿ تي تشريف فرما هئا. اتفاق سان هڪ ڊاڪٽر صاحب بہ ويٺل هو، ڊاڪٽر صاحب ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي تہ سندن جي علمي جلالت کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ هر هر حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏانهن حيرت سان ڏسندو رهيو، گفتگو جي دوران ڊاڪٽر صاحب تعجب جو اظهار ڪندي چيو: مولانا صاحب! مان اکين جو ڊاڪٽر آهيان، مان ڏسي رهيو آهيان تہ هن عمر ۾ بہ اوهان جي نظر ۾ ڪو فرق ناهي، بلڪ اوهان جي اکين ۾ ٻارن جي اکين جيان چمڪ آهي، مون کي ٻڌايو تہ هن جي لاءِ آخر ڪهڙي شيءِ استعمال ڪيو ٿا؟ فرمايائون: ڊاڪٽر صاحب! مان خاص دوا وغيره استعمال ناهيان ڪندو، ها هڪ عمل آهي جنهن کي روزانو ڪيان ٿو، رات جو سمهڻ جي وقت سنّت جي مطابق سرمو استعمال ڪندو آهيان ۽ منهنجو يقين آهي تہ هن عمل کان بهتر اکين جي لاءِ ڪا دوا نٿي ٿي سگهي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي .

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مسلکِ اعلیٰ حضرت کا اِک گلستاں
علمِ صدرُ الشَّریعہ کا بحرِ رواں
علم سے جس کے سَیراب سارا جہاں
لہلہانے لگا دین کا بُوستاں
جس طرف دیکھئے اس قدم کے نشاں
حافظِ دین وملت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”اِثمد“ جي چار اکرن جي نسبت سان سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضور حافظ ملت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي سنت سان محبت مرحبا! ۽ سنت جي محبت ۾ سنت مطابق سرمو لڳائڻ جي برڪت دنيا ۾ بہ نگاھ جي حفاظت جي صورت ۾ ظاهر ٿي، جيڪڏهن ڪا مجبوري نہ هجي تہ اوهان بہ روزانو سنت مطابق سرمو لڳائڻ جي نيت ڪيو، اوهان جي آساني لاءِ دعوت اسلامي جي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل رسالي ”101 مدني گُل“ صفحي 27 کان 28 مان سرمي جي باري ۾ 4 مدني گل اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. قبول فرمائي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي وٺو ﴿1﴾ ”سننِ ابن ماجہ“ جي

روايت ۾ آهي: ”تمام سرمن کان بهتر سرمو ”اِثمد“ آهي جو هي نگاهہ کي روشن ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. (ابن ماجه ج 4 ص 115 حديث 3497)
﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ سياهہ سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي نيّت سان) مرد کي لڳائڻ مڪروهہ آهي ۽ زينت جو مقصد نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنت آهي. (مِراةُ المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (انظر: شعب الايمان ج 5 ص 218-219) اهڙي طرح ڪرڻ سان ان شاءَ الله ٽنهي تي عمل ٿيندو رهندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تعظيم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ لڳايو، طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽

پڑهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد